ڦلواڙي



هريڪرشن (ڪان)

قلواڙي

ليکڪ : هريڪرشن ’ڪان‘

آگسٽ - 2010

Hari Krishin 'Kan'

OR

Krishin Rupani

Jagdish Bhawan, 31- Marhara Road,Lalbagh,
LUCKNOW - 226001.
Phone: : 0522-3236251

ستگرو سوامي منگلنات صاحب



بابا سائين



ديوان سيتلداس سلامتراءِ آهوجا

هي پستڪ آءٌ پنهنجي
دوست شري آنند آهوجا
جي پوروَجن ۽ سندس
پتنيءَ جي پوِتر ياد ۾
پيٽ ڪري رهيو آهيان.

- هريڪرشن 'ڪان'

ڦلواڙيءَ جو راز

هيءَ ڪوتائن جي ڦلواڙي، جيڪا توهانجي هٿن ۾ آهي، اُن جي اُتپتي ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي؟ اُن جي راز کي ڄاڻائڻ مان تمام ضروري ٿو سمجهان.

سنہ ١٩٤٧ع ۾ اَسانجي ڀارت ديش کي آزادي ملي ۽ وڃڻ وقت اَنگريزن آسان سان پنهنجي پراڻي Divide and Rule واري پاليسي نہ ڇڏي يعني ويندي ويندي اَسان جي ڀارت کي ٻن حصن ۾ ورهائي، هڪ جو نالو هندستان ۽ ٻئي کي پاڪستان جو نالو ڏنو. اَسانجي سڄوري سنڌ کي هُنن ٻليءَ جي ٻڪري ٿاهي، پاڪستان جي ناپاڪ هٿن ۾ سوُنپي ڇڏي. هاڻي پاڪستان ٿهندي ئي، اُتي جي رهندڙن مسلمانن، هندن مٿان ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا.

اِتفاق سان اُنهن ڏينهن ۾ اَسين هندستان ۾ رهندا هئاسون، پر اَسان جا ڪافي مِٽ مائٽ اَڃان بہ سنڌ ۾ رَهيل هئا. ٢٥ آڪٽوبر ١٩٤٧ع تي مونکي هڪ تار آئي تہ مُنهنجو هڪ ويجهو عزيز سخت بيمار آهي ۽ مونکي ياد ڪري رهيو آهي. سو ئي آءٌ يڪدم رات واري گاڏيءَ ۾ سنڌ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس. مان ٥ ڏينهن جي سخت تڪليف کان پوءِ مَس مَس تاريخ ٣٠ اُتي پهتس.

جيتوڻيڪ هونءَ اُتي پهچڻ ۾ صِرف ٻہ ڏينهن لڳندا هئا پر پاڪستان سرڪار جي حڪومت جي بي اِنتظاميءَ جي ڪري ٥ ڏينهن لڳي ويا. گاڏين کي وچ وچ ۾ اُهڙي سُنسان هنڌ تي بيهاري ڇڏيندا هئا، جو اُتي کاڌي لاءِ صرف لئيبا ۽ پڳڙا مِلندا هئا ۽ پاڻي نوڙين سان کوهہ مان ڀري پيئڻو پوندو هئو.

آخر سُک سان مان حيدرآباد سنڌ، پنهنجي گهر وَڃي پهتس، پر جنهن يار کي ملڻ لاءِ ويو هوس، اُهو تہ اَڳهِ ئي ڀڳوان کي پيارو ٿي چُڪو هو. اُتي جي خبرن مان اِهو بہ معلوم ٿيو تہ مُنهنجو دوست، جيڪو اَڳهِ ئي بيمار هئو، اُهو اُتي جي حالتن جو مقابلو نہ ڪري سگهيو ۽ وَڃي سُرڳوَاس پڌاريو. اُتي جي سرڪاري حڪم موجب، هندن کي سنڌ ڇڏڻ کان پهرين ڪَليڪٽر کان پَرمِٽ وٺڻي پوندي هئي ۽ اُن کان پوءِ وَڃي

(امڙ)



شريمتي ڪشور بائي سيتلداس آهوجا

(ڌرمپتني)



شريمتي ميرا آنند آهوجا

شڪر گذاري



مان پنهنجي دوست شري آنند آهوجا جو تهدل شڪر گذار آهيان. جنهن جي مهرباني سان ئي هن قلواڙيءَ جي خوشبوءِ وٺڻ جو موقعو توهان ڀائرن ۽ ڀينرن کي ملي رهيو آهي.

هاڻي هن داس جي توهان سڀني کي اِها وينتي آهي تہ مون سان گڏ توهان سڀ مُنهنجي متر جي پوروجن لاءِ ايشور در پرارٿنا ڪندا تہ مالڪ، اُنهن سڀني جي آتما کي سرڳہ ۾ جاءِ ڏين ۽ کين مُڪتي دان جي بخشيش ڪن.

توهانجو ڀاءُ،
هريڪرشن 'ڪان'

گاڏيءَ جي ٽڪيٽ مِلندي هُئي ۽ وري اِهو بہ ضروري نہ هُئو تہ گاڏيءَ ۾ وِهڻ جي سيٽ بہ ملي وَڃي. اِن طرح ماڻهن کي ٽي ٽي - چار چار ڏينهن لڳاتار اِسٽيشن تي اَچڻو پوندو هُئو ۽ اِهو ئي ڪارڻ هُئو جو منهنجو دوست، اِها تڪليف سهي نہ سگهيو ۽ هيڪاري وڏيڪ بيمار ٿي پيو ۽ رَمندو رَهيو. هِن حقيقت ۽ اُتي جي هندن جي حالت، جيڪا سَچ مُچ قياس جوڳي هُئي، ڏسي ڪري، مُنهنجي آتما کي گهائل ڪري ڇڏيو ۽ اِن طرح مونکي هڪ واپاريءَ مان هڪ شاعر ۽ ليکڪ ناهي وڌو.

اِن طرح پنهنجي ڏنڌي جي ٽائيم مان ڪُجھ وقت ڪَڍي، رات جو دير تائين، ڪنهن آفيس ۾ ڪم پوڻ تي، اُتي مليل وقت جو فائدو وٺي يا ڪڏهن ٻاهر مُسافريءَ تي ريل گاڏيءَ ۾ هلندي يا بيمار پوڻ تي بستري داخل ٿي پوڻ تي بہ سُمهندي سُمهندي، هيل تائين هزارن ۾ مون ڪوتائون، ليکہ ۽ ڪهاڻيون، سنڌيءَ، هنديءَ، اَنگريزيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ لکيون آهن ۽ هاڻي تہ هڪ وڏو باغيچو ٺهي ويو آهي. اُن باغ مان ڪجھ عمدا گُل چونڊي، مون هڪ ننڍڙي قلواڙي تيار ڪئي آهي، جنهن ۾ ٥١ گلن جو گلدستو آهي، جو توهان سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن جي هٿن ۾ آهي.

مونکي پورڻ وشواس آهي تہ مُنهنجا ڀائر ۽ ڀينرون، هن قلواڙيءَ جي خوشبوءِ وٺي ضرور خوش ٿيندا.

توهانجو پنهنجو
گمنام ڪوي ۽ ليکڪ
هريڪرشن 'ڪان'

ضروري نوٽ: توهان سيني کي پڙهي خوشي ٿيندي، تہ هن ڪان ڀهرين بہ مُنهنجا ڪُجھ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ اُنهن مان ڪجھ ڪاپيون مون وٽ موجود آهن. توهان مان ڪنهن کي گهرجي تہ گُهرائي سگهي ٿو.

(١) 'گيتا جو پوِتر پيغام' سنڌي عربي ۾ ١٩٩٥ ۾ ڇپايل
(٢) 'پُشپانجلي' هندي ڪوتائون جون ٢٠٠٨ ۾ (ڪُجھ ڪاپيون)
(٣) 'گيتا ڪا سار' هنديءَ ۾ آگسٽ ٢٠٠٩ ۾ (ڪُجھ ڪاپيون)
(٤) 'تيري ياد ۾' هنديءَ ۾ نومبر ٢٠٠٩ ۾


’واهه پريو ! تنهنجي مايا‘

(منهنجي زندگيءَ جي پهرين ڪويتا ١٩٤٧ ۾ لکيل)

واه پريو - تنهنجي مايا جو
ڪنهن آه - پار پاتو،
صِرف تِن - جِن تي ڪرپا تنهنجي
تِن ئي آه - توکي سڃاتو.
مان آيو هئس - سنڌ ۾
ملڻ پنهنجي - بيمار دوست کي،
پر تو نه ڏني - مُهلت اُن کي
جو هو ملي سگهي - ها مونکي.
اَسانجي سنڌ ديش کي،
تو ڏِنو - ناپاڪ هٿن ۾،
مِلندي ئي آزادي - اُنهن ڪَيو
تنگ اُتي جي - هندن کي.
اِنکري - نه سهي سگهيو
مُنهنجو دوست - اُنهن ڏُکن کي،
ءَ ڪري الوداع- هِن دنيا کي
وڃي پهتو - پريو چرنن کي.
بس! مَڃي آديش - مالڪ جو
’ڪان‘ واپس موٽي - هند آيو
ٿو ڪري پرارٿنا - ڏي مت مسلمانن کي
ٿئي هندن جو اُت - لايو سڃايو.

❖❖❖❖

پہ اکر



آسانجو بزرگ دوست، هڪ قداور شخصيت آهي، ساهتيہ ۾ هن جهڙا ماڻهو اڄ ڪلهہ بلڪل ٿورا آهن. هن عمر ۾ بہ قلم هلائيندو ٿو رهي. هيءَ ڪتاب 'قلوازڙي' مون ئي ڪيس ڇپيو هو تہ مان ڇپائيندس ۽ هينئر هيءَ توهان جي هٿن ۾ آهي. توهان پاڻ ئي آمين ٿيو تہ هيءَ ڪيترو سنو ليکڪ آهي.

آشا آهي تہ آئيندھہ بہ قلم هلائيندو رهندو ۽ سائين در پرارٿنا آهي تہ وڏي عمر ۽ سني تندرستي بخشيس.

آنند آهوجا

آمبر ڪرافٽ،

آمبيڊڪر روڊ،

کار، ممبئي- ۵۲.

۲۰۱۰-۰۸-۲۵

’ڏکُ - سُکُ‘

چاٽان ٿو اَدل - مان پِيي
ڏُک سُکُ آهي - ڪرمن جو ڦل،
رهندو آيو آهه - اُن ڪان آجو
بَني بشر - ڪووَنچِٽ.
سُکُ ۾ سوَ سو - صديون گذارڻ
آهي ڪيڏو نه آسان اَدا،
پر ڏک جي هرهڪ - گهڙي گذارڻ
آهي مُشڪل - هُجي شاهه يا گدا.
ڏک ۾ سَکي - رهيٿو منش اُهو
پاڳن سان مليو جنهن کي - سنگ سنتن جو،
بس! ’ڪان‘ کي به - اِها ئي آس آهي
ڪندو مَهر سائين- ڇڏيندو ڏکڙن کي لاهي۔

❖❖❖❖❖

’پاڻکن سان واقفيت‘

(هيءَ ڪويتا مون سنڌي گلشن ۾ ١٩٦٦ ۾ هڪ ليکڪ
’ٽائيم نٿو ملي‘ سان گڏ لکي موڪلي هئي)

يارو اَچو ڪرايان
توهان کي پنهنجي واقفيت،
جو تہ اَهڙي ملي آهي
گلشن کان آسانکي داعوت.
تصوير مُنهنجي آهي
بُلڪل توهانجي اڳيان،
جي ڏيو توهان اِجازت،
تہ ڪُجھ وڌيڪ عرض ڪريان.
تعليم منهنجي آهي فقط
ٻارهن انگريزي ۽ ست سنڌي،
پر ايندي اَٿم ٿوڙي
سنسڪرت، گرمکي ۽ پڻ هندي.
لکڻ جو شونق تہ گهڻو آهي
پر ”ٽائيم ئي نٿو ملي،“
جو تہ وقت وَڃي ٿو گذري
گهڻو پيٽ جي بِلي.
ڏي ڪا مت سُني سائين
لڳائي چِت کي چرنن ۾،
وَڃي شل جان هيءَ گذري
پڻ ڪُجھ چڱن ڪَمن ۾.
بس! اِهائي آرزو،
توهانجي ’ڪان‘ جي آهي،
ڪندو ڪا مَهر سچو سائين،
ڇڏيندو ’انتظار‘ کي لاهي.

❖❖❖❖

’سَتِ پوڄن آهي - سَچو پوڄڻ‘

سَتِ پوڄن - ڪائڻ آهي
سَچو پريوءَ کيِ پوڄڻ،
مِلي تو جو - اُنجي اِڇا سان
ڪائجي لائي چِتِ ءِ من.
ھجي پلي پوءِ اُھو
ڪٹو يا ڪارو،
پر رکجي ڪڏھن - ڪين کي
اُن جي سواد سان لاڙو.
زباني سواد سان - آتو
پائي - مطلب ڪھڙو؟
ڪائو رُڀ يا سيرو،
پيٹ اَندر ٽيندو - سپ ھڪ جھڙو.
ھاٿي اَچو تہ - ڪَريون
توڙي - ڪاڏي تي اُپٽار،
چو تہ سَتِ پوڄن سان
ٹئي تو - سَتِ ويچار.
سَتِ ويچار سان - پڻ
ٿِئي تو - سَيت ڪرم،
’ڪان‘ پڪاري - پيارا!
اِھو ئي آھي - سَتِ ڏرم.

❖❖❖❖

’ پرڀو ! تنهنجي مَهما اَپرمپار‘

(ڀڄن)

ٽل: پرڀو! تنهنجي مَهما - اَپرمپار

ڪوئي پائي سگهي - نا پار........

١. سُک ۾ سڀ تا - خوشيون ملهائين،

ڏک ۾ روئي روئي - هنجون هارين،

پر جيڪو ٻنهي کي - هڪ ڪري ڄاڻي

تنهنجو ٻيڙو پار.......

٢. ڪوئي چوي ڪارو - ڪوئي چوي گورو

ڪو رگهو نندن - گوڪل جو ڇورو،

پر مان تہ چوان - توکي نند ڪشورو

ڳاين جو رکپال........

٣. تيرٿ تپ جپ - سڀ چڱا ساڌن،

پر سڀ کان سُنو آهي - مَن جو مانڌاڻ،

’ڪان‘ چوي تون - ڳولهہ اندر ۾

ڄاڻي - ڄاڻٺهار......

پرڀو! تنهنجي مهما - اَپرمپار

ڪوئي پائي سگهي - نا پار......

❖❖❖❖

’رڪشا - پنڌن‘

واه واه - اَڄ آهي
ڏينهن سڀاڳو،
پيڻ ياءُ کي
ٻڌندي ڏاڍو؛
تِلڪ ڏيئي اُن کي
پوءِ مٺائي کارائيندي،
۽ پڻ پنهنجي - من جا
مطلب - پورا پائيندي.
هِن ڏينهن جي - اوچ مهما
آ جڳهه جڳهه - ڳاتي،
مَحبوبا - سڪندر جي
ٻڌي رَکڙي - پوروءَ کي پاتي
اُن رکڙيءَ جي - شان ڪئو
سِڪندر کي تہ - بچايو،
۽ پوروءَ - اُنجي خاطر ڪئو
پاڻ کي - بندي بنايو.
هِن ڪچي - ڏاڳي جي اَندر
بيحد - شڪتي آهي.
ٻڌل - جيڪو بہ هِن
ٻنڌن ۾ آهي،
ٻڌندڙ کي - هر مشڪل کان
اُن جو فرض - بچائي،
چاهي ’ڪان‘ پوءِ پنهنجي
ڇو نہ - جان وڃائي

❖❖❖❖

’جيون جي - سَچائي‘

١. هوني - پَرِبل آهي
ڪنهن جو وَس - نٿو هلي،
اُنجو ڏکہ - ڏکہ نٿو ٿئي
جنهن کي گرو هٿ ڏيئي جَهلي.
٢. ڏک ڏيهيءَ جو - ڌرم آهي
ڪنهن کي اَڄ - ڪنهن کي سُڀاڻي،
پر اُن جو ڏکہ بہ - سکہ آهي
جنهن کي - ستگروءَ جي پناه.
٣. جي جيئڻ چاهين - جڳہ ۾،
تہ ڪر - تن کي ڪُشادو،
هِن هُن جي - چوڻ تي
ڪر نہ - من کي ماندو؛
’ڪان‘ ڪونهي - واندو
جي سهين - ٿوڙو صَبر سان.
٤. هو چَون - تون مَ چوُ،
ڪرمن کي - تون قابو،
ويري پنهنجي - مَن کي،
ڪر صَبر سان نابود؛
تہ پوءِ لَهين - ياقوت
’ڪان‘ چوي - هِن جڳت ۾.

❖❖❖❖

’اوڌر - هڪ اَوگڻ‘

(سيل ٽئڪس آفيس ۾ ويٺي ويٺي)

چوندا آهن - اوڌر مُحبت جي ڪَئنچي آهي،
چا اِهو ڪو - ڪوڙ آهي؟
آزمائڻو اَٿو - آزمائي ڏسو
پر اِهو سورنهن آنہ - سچ آهي.
اوڌر ڏيئي - پڇتائڻ کان
نہ ڏيئي پڇتائڻ - بهتر آهي،
ڏيئي اوڌر - هڪ دک سهڻ کان
پوءِ سوُ دک سهڻ بدتر آهي.
هاٽي چوي جو - ’ڪان‘ تو
چڏيو ٿوڙي - ڏنڏي جي لالچ کي،
پلي مال پيو هجي - گُدامن ۾
پر ياد رکجو - اوڌر جي حالت کي.

❖❖❖❖

’گرو - شرڌا‘

(ڏوهيڙا)

١. گرو چرنن جي - اوٽ سان
سڀ دک - ٿيا دور،
’ڪان‘ چت رک - شري چرنن ۾
رهي نہ ڪنهن - ٻي اور؛
تنهنجي گرو - لهندو پر گهور
جيون جي - هر مشڪل ۾.

٢. گرو چَرنن - جي شرڌا ۾
آهہ وڏي - شڪتي،
اُن جهڙي - سنسار ۾
ناهي ڪا ٻي - ڀڳتي؛
هيءَ آهي اُها - يُڪتي ’ڪان‘
جنهنجو ساني - نا سنسار ۾.

٣. چاهين - آنيو ڪري ڏس؟
او! مُنهنجا پيارا!
جيون جي - هر مشڪل ۾’ڪان‘ ؛
هو ڪندو - وارا نيارا ؛
سَمجهہ - تون سياڻا
رک پريت - گرو چرنن سان.

❖❖❖❖❖

’جُھوءَ جي - شامِ‘

(هيءَ ڪويتا منهنجي ’سنڌيت‘- لکنو ۾ ۱۹۷۹ ۾ ڇپي هُئي)

هوءَ جُھو جي شامِ بہ - ڇا شامِ هُئي،
سچ پڇو تہ - عجيب شامِ هئي.
سمنڊ جي ڪناري جو - هُئو خوبصورت نظارو،
جتي رکي رکي وَهيو ٿي - پاڻي گھوگھٽ وارو.
اُتي جي آليءَ واري هُئو - خوب مَن کي موهيو،
پنڌ ڪندي ڪندي رهيو ٿي - ڇڙ مَن ڪويو ڪويو.
هلندي هلندي ڳالهين ۾ - پهتاسون جڏهن ڪناري،
اِئين لڳو ٿي آسانکي - ڇڏيو آه ڪنهن پاڻي ہرن ۾ هاري.
قدرت جي ڪائنات جو - هُئو بيشڪ عجب نظارو،
ڏيري ڏيري لهڻ سورج جو - هُئو من کي موهڻ وارو.
لڳو ٿي وچڙ اُن جو - هاڻي ڪجھہ اُتاولو،
شايد معشوق سان ملڻ لاءِ - ٿي پيو هئو بانولو.
پوءِ ويناسين پينگھن ۾ - ءَ لوڏياسين خوب لوڏا،
موجود هئا اُتي ڪُجھہ - ٽلون ءَ پڙ توڏا.
ڪائڻ پيئڻ کان پوءِ ڪئيسون - واپس وَرڻ جي تياري،
ڪيئن وِسرندي ’ڪان‘ کي؟ اُها شامِ جھوءَ واري.

❖❖❖❖

’صبر ۾ سهڻ - ڪو آسان ڪم ناهي‘

صَبر ۾ سَهڻ - ڪو آسان ڪم ناهي،
مڃان ٿو مان اُن کي - بيشڪ مشڪل آهي،
چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ - جيئن وڏو فرق آهي،
چوڻ آهي سولو - پر ڪرڻ ڪٺن آهي.
سهن شڪتي بہ سچ - هڪ ساڌنا آهي
ڏيڻي پوندي اُن ۾ - قرباني آهي،
پر اِن حقيقت کان - ڪو ورلي واقف آهي
چاٽي جو اُن کي - سوئي گرمکہ آهي.
ڪرين ٿو جي - ٻئي کي خوش
پوءِ سهڻو پوي - توکي چاهي ڏُکہ،
سَچ پُڇين تہ - اِن ريت ئي
تو ڪيو آهي - مالڪ کي خوش.
هاڻي اِنهيءَ رازکي مَنوا!
جي توکي - چاڙهڻ جي چاهہ،
تہ چوي جيڪو ٿو - ’ڪان‘ توکي
اُن کي هردم - من ۾ هنداءِ،
پوءِ چوندي - بيشڪ تون پڻ
تہ صَبر ۾ سَهڻ - بلڪل آسان آهي.

❖❖❖❖

چڙهي اُتي - پوء لانچ ۾،
سمنڊ جو سئر - ڪيوسين.
هڪ چانڊوڪيءَ - رات جو
ڪيوسون - جُهوءَ جي پارڪ ڏي پرستان،
هيون طرح طرح جون - چينگهون اُتي
پڻ سئنڊل ۽ جهاز وارو مڪان.
جمع شام جو - وچي ڏٺوسين
مَڪان - جوتي وارو،
وسرندو ڪيئن؟ 'ڪان' ڪي
آهڙو سئر نيارو.

❖❖❖❖

’بمبئيءَ جو - سَئر‘

مِلي داوعت هُئي شادي جي
وَڃي ڪيوسين بمبئيءَ جو سئر،
ڪري ملاقات - مِٽن مائٽن سان
پڇيوسين هِڪ ٻِئي کان شِب خير.
شاديءَ جي پارٽي - هُئي تاج ۾
جتي جو شان - هُئو اوچو،
موجود هُئا جي - ماڻهون اُتي،
تِن جو ڳات بہ - هُئو اوچو
ٻئي ڏينهن وَري - وَڃي ڪَئيسون
هڪ رنگين - پارٽي اَٽينڊ،
هُئو چا تہ حَسين - نظارو اُتي جو
ڇيائون ٽي هي آهي - سَن اَئنڊ سئنڊ.
وَري هاليڊي اِن ۾ - هئي رکي ويئي،
مُنڊي جي - رسَم اَدائي.
اُتي جي - خوبصورتي هُئي،
ڇڻ قدرت - پاڻ ٺاهي.
تنهن کان پوءِ - وٽي ٻارن کي،
ڪناري جُهوءَ جي - وياسين،
چڙهي اُتي - گهوڙن ۽ اُٺ گاڏين ۾
ٽئڪسيءَ ۾ - واپس وَرياسين.
ڪري ديدار - ميوزم جو
پوءِ اَپولو - بندر آياسون،

پوءِ وَڃي - ڏٺوسين
جَليانوالا باغ،
پڻ اُتي - ڏسياسون،
گولين وارا - ڪارا داغ.
اُن بعد - وَڃي گهمياسون
دُرگا ماتا جو - مَندر،
مورتون جي - اُتي هيون
لڳيون دل کي - تمام سُندر.
اُتي جي بَناوت - جو هُئو
بيشڪ - خوبصورت نظارو،
ڏسڻ سان جنهن کي - ٿي پيو
من اَسانجو - ٺنڊو ٺارو.
هاڻي اَسان - اَچي ڪَئي
واپس - ورڻ جي تياري،
خريداري - ٿوڙي ڪري
ڪئي سون - رِڪشا مٿان سواري.
ايتري ۾ اڳيان - اَچي وَئي
هڪ تمام - اوچي چاڙهي،
سڀ لهي پيا - رِڪشا مان
پر لٿي نہ - هڪ سَواري.
شرير اُن - سَواريءَ جو
هُئو ڪُجهہ - اَڏڪ ڀاري،
تنهن ڪري پيدل هلڻ - اُن لاءِ
هئي ذرا - دُشواري.

’اَمرتسر جو - سَئر‘

(بياس کان - اَمرتسر)

صُبح سوير - اُٿي ڪري،
وَڃي ويٺاسين سَٽ سنگہ ۾،
ڪري درشن - پرساد وٺي،
وڃي چڙھياسون بس ۾.
ٺيڪ ھڪ ٻَڄي - وَڃي اُتي پھتاسون
ڪائي پوڄن دا ٻي ۾ - پنھنجو پيٽ ڀريوسون.
تنھن کان پوءِ - ڪئيسون
سوني مَندر - ڏسڻ جي تياري،
سندرتا جنھن جي - اَسان جي
دل کي لڳي - ھُئي پياري.
بناوت اُتي جي - ھُيو
خُوب من کي - لُڀايو،
لڳو ٿي اِئين - اَسان کي
جڻ ڀڳوان - خود ھو بنايو.
سَروَر مان - جيئن ئي
ورتي سون جو - اؤنچلي،
پي ڊڪُ - پاڻيءَ جو
دل کي ملي - گھڻي تسلي.
اُتي الگہ - ھڪ ھُئي
مورتن واري - گئلري،
تصويرون اُتي - رکيل ھيون
وير جيڪي - وِيا مَري.

'چنڊيگڙهہ جو - سَئر'

صُبح سويري - بياس چڙهي
آياسون - چنڊيگڙهہ ۾،
لهي بس مان - ڏهين بجي
رُڪياسين راڌا سوامي لاج ۾.
هٿ منهن ڌوئي - ڪَپڙا بدلي
ڪيوسون - روٽي لاءِ پرستان،
کائي روٽي ڏاڍي - مان
پوءِ اَچي ڪيوسين - وِشرام.
شام جو ٽوئرسٽ - بس ۾
مڪَئي سون - گهمڻ جي تياري،
پهرين ڏٺوسين - آرٽ گئلري
شويا هئي - جنهن جي نياري.
پوءِ ڏسي - گانڌي ميوزم
وَڃي ويٺاسون - جهيل ڪناري،
ڏسي نظارو - قدرت جو،
ڇڏيوسين - دُنيا کي وِساري.
اُن بعد - وَڃي ڏٺوسين
پٿرن وارو - گارڊن،
مورتون اُتي - پٿرن مان ٺهيل
لڳيون ٿي - بلڪل ماڊرن.
پڳل ٽٽل - شيشن مان،
ٺهيل هيون - اُتي مورتون،

اُن رِڪشا وينل - واريءَ تي
رحم سندس - گهوٽ کي آيو،
ڏِڪو ڏيئي - رِڪشا کي
تنهن پنهنجو پٽني ڏرم نيايو.
اِن طرح سان - ’ڪان‘
سو ڪيوسون - پورو،
واپس وَرياسون - بياس
۽ اَچي وَسايوسين - ڊيرو.

❖❖❖❖

’هي پريو! - چا ٿيندو؟‘

(اِنڪم ٽئڪس آفيس ۾ ويني ويٺي)

هي پريوا چا ٿيندو؟
تنهنجي پيارت - ديش جو حال،
اَميرن جو آهي - جِتي بول بالا
۽ هرهنڌ اُنهن جو - جلوو جَلال.
وِچولي ڏر جي لاءِ - آه مصيبت
۽ غريب ٿي پيا آهن - مالا مال،
چو تہ اُنهن وَٽ - آهي ئي چا؟
جو لٽيندو ڪوئي - مائيءَ جو لال
پر وَڏن ماڻهن جا - ڪم وَڏا،
۽ هر هنڌ اُنهن جي - پهچ پياري،
پوي ڪم ڪِٿي بہ - اُنهن جو
پاڻيهي ٿي وَڃي - پوءِ واري.
پر وچولي درجي کي - ڪير پُڇي؟
بس! هر ڪو ٿو - اُنهن کي ڏڪي،
پوءِ پيلا ڪيئن؟ وڏن اڳيتي
تنهن ڪري ويچارا - آهن پُٺتي.
شل نہ پوين - ڪَنهن آفيس ۾ ڪم
سمجهو نڪتو - اُنهن جو دم،
پهرين ڏين - چپراسي کي ڏڪڻا
تڏهن مِلين - آفيسر سان ملڻ
هاڻي تون ئي ٻڌاءِ - چا ٿيندو پيڳوان!
جِت آهي ماڻهن جو اَهڙو حال
پيارت وَڃي ٿي - غرق ٿِيندي
’ڪان‘ اَچي تون - لَهہ سنڀال.

❖❖❖❖

سينگاريل - اُتي هيون
طرح طرح جون - صورتون.
ڪُتا، ٻلا ۽ اُن گهوڙا
۽ پڻ ھُئا- اُتي هاٿي.
طرح طرح جا - پکي پَسون
ڏسي جن کي دل ٿي - اَسانجي مدماتي.
اُن باغ جي - رونق جو
بيان ڪرڻ - نہ آهي وَس ۾،
مُشڪل ڇڏي - اُن باغ کي
'ڪان' - اَچي چڙياسين بس ۾.

❖❖❖❖

’محنت ئي - زندگي‘

محنت ئي - زندگيءَ جو
بلڪل سچو - سينگار آهي،
پوءِ پلا - مورک مَنا،
توکي محنت کان - ڇو اِنڪار آهي؟
محنت بنان - هيءَ زندگي
لڳندي آهي - بلڪل اُن طرح،
جيئن حَسين - حلووي ۾
وِڌي هُجي - لوڻ ڪَٽي ڪنهن.
مَحنت ڪري - ايمانداري سان،
ڪر سڀ ڪجھ - پريوءَ کي اَرپڻ،
چِت رکہ سدا - پريو چرڻن ۾
ڇو تہ ڪرم آهي - مَن جو درپڻ.
ڌرم سان ڪَجي - جو ڪرم
سائي آهي - سَچي بندگي،
سچ چوي ٿو - ’ڪان‘
تہ محنت ئي آهي - زندگي.

❖❖❖❖

’آڳيا پالڻ - سُک پائڻ‘

وڏن جي آڳيا - پالن ڪرڻ سان
اِنسان سچو - سُک پائي ٿو،
پر اِن حقيقت کي - سَچ پَچ
ڪو وِرلي شخص - ڄاڻي ٿو.
هالان ڪِ آڳيا جو - پالن ڪرڻ
ڪو آسان - ڪم ناهي،
سَچ پڇو تہ اُهو - مکڻ جون
شيخون پَچائڻ - وانگر آهي.
جيئَن سون - ڪوري ۾ پچڻ سان
بيشڪ - نکرندو آهي،
هوندو آهي جو - کوٽ اُن ۾
اُهو سڀ - نکرندو آهي.
اَلف بي - سکڻ ڪان پوءِ ئي
تہ بي - اي ٽيٽو پوندو آهي،
تڏهن وَڃي ڪو - ڊاڪٽر اِنجنيئر
يا ڪوئي پروفيسر - بڻبو آهي.
جي چاهہ اَٿئي - سَچي سُک جي،
تہ سِکہ - پاڻ کي مارڻ،
ءَ ڪڏهن نہ ڀُلائج - ’ڪان‘ تون
وڏن جي آڳيا - کي پالڻ.

❖❖❖❖

’وِياڪُلتا‘

جڏهن اِنسان - ٻُڌي ٿو،
اوچتي ڪا - ٻُري خبر،
مَن چوي - بَس جلد ڪر،
هلي لهه - اُتي جي خبر.
اُتاولي ٿي - وَڏي وَجي
۽ من چوي ٿو - بار بار.
پهچڻ جي - مونکي جلدي آهي،
چاهي سوُ جا - لڳن چار.
پر موڙ هل مَن - سَمجهي نٿو،
هيءُ جيڪو آهي - ڪري ٿو ڪرتار،
جنهن رَچي - هيءَ رچنا
آهه سڀ ڪُجهه - ڄاڻٺهار.
پهچائيندو - پنهنجي نيم سان،
ڇو تہ هو آهي - سَڀ جو هِتڪار،
اَسين سڀ - ٻالڪ اُنجا
هو آهي - پتا پروردگار.
تنهن ڪري ’ڪان‘ - ڇڏي وِياڪلتا
۽ وَٺِ اوٽ - تون اُن جي،
هو ڪَندو - ٻيڙي پار
تنهنجي ۽ ٻِڻ سڀ جي.

❖❖❖❖

'اَڄڪلهہ- صَبر ڪٿي؟'

اَڄ ڪلهہ - صَبر جي اَسان ۾
ڪُجھہ - ڪوتاهي آهي،
چاهيون جيڪو - سُياڻ ٿئي،
پريو هيئنر ئي - چڙهي لاهي،
پاڻ يلي - اَڄ جو ڪم
سُياڻي ئي - چو نہ ڪريون،
ڇَئون تہ - جيئٽو سال آهي
پوءِ ڇو - جلدي ڪريون؟
گاڏي يا سِنيما تي -
پهچون ليٽ - اَسان يَلي،
پر اُهي - هلڻ ۾ دير ڪن
تہ مُرجهائجي وَڃي - دل جي ڪلي.
ڇا اَهڙي - بيصبري بہ
ڪا اَسان کي - سُهٽي لڳي؟
ٿيٽو آهي - سو ٿيندو اَوَس
پوءِ هيئنر يا ٿوڙو اَڳي.
بس! ٿوڙوئي - صَبر ۾
جيڪر اَسان - سهڻ سِکون،
'ڪان' ڪاميابي - قدمن ۾،
يري ايندي - وَڏيون وِکون.

❖❖❖❖

’اَنت- سُهلي‘

سي بيشڪ - وَڏ ڀاڳي
تِن جي - اَنت سُهلي،
ڪٿي وِيا - جهان مان
جِن مِٽي - ٻولي ٻولي.
جو آيو آھ - جڳ ۾
هِڪ ڏينهن - هلڻو پوندو،
ڪاش! ڪو سوچي - ڳالھ اِها
هوُ ڪنهن کي - ڏُکُ نہ ڏيندو.
وَرتءَ - هن سنسار ۾
آهي هر هڪ جو - ڌرم،
نندي وَڏي کي - پيار ڏجي
۽ ڪَندو رَهجي - پنهنجو ڪرم
مَحنت ڪان - نہ آر ڪَجي.
چاهي کِهڙو بہ - هُجي ڌنڌو
ڏسي پرائي - ماڙيءَ کي
نہ رکجي مَن کي - ماندو.
نہ ڀُلجي - ڀڳوان کي
جنهن هِن - دُنيا ۾ آندو،
مَڃجن سَدا - شڪرانا اُن جا
جڏهن ٿئين - ڪم ڪان واندو.
بس! اِن ريت - او! ’ڪان‘
ڪَٽج پنهنجي - اَنتِ سُهلي
پوءِ پڪ جاڻج - پيارا!
تنهنجو سائين - ٿيندو ٻيلي.

❖❖❖❖

’چِپَ جو سواد‘

ڪاڏو جيڪو - ڪائون تا،
آهي صِرف - جيئڻ لاءِ،
پوءِ ڇو - ڪرين ٿو توڙو،
فقط چِپَ جي - سواد لاءِ.
ڪائون پلي - ڪهڙا اَسين
اوچا اوچا - طعام،
پر سوچڻ آهي - ضروري
اُن ڪائڻ جو - اَنجام
ڏٺو وَڃي - تہ ڪيترا
جيئن تا - صِرف ڪائڻ لاءِ،
پر جيئڻ - اُنهن جو سڦلو
ڪائين جيڪي - جيئڻ ڪاڻ.
پوءِ ڇو نہ - ڪائون’ڪان‘
سڀ ڪُجهہ - چَبي چيٽي،
جيئن جيون - هن سنسار ۾
سکہ خئر سان - بيتي.

❖❖❖❖

’توکي - غرور ڇا جو؟‘

مورک ٻڌاءِ - مونکي؟
توکي غرور ڇا جو؟
پاڻيءَ جو - ٻُلبلو آنهه
توکي غرور ڇا جو؟.........

١. پل ۾ - مِٽجي ويندي
ڪنهن کي - خبر نہ پوندي،
آخر ۾ - خاڪ ٿيندي
توکي غرور ڇا جو؟
پاڻيءَ جو بلبلو آنهه - توکي غرور ڇا جو؟.........

٢. آيا ڪيئي - سڪندر
موُلا مَسيح - قلندر،
اَڄ نام - اُنهن جو
توکي غرور ڇا جو؟
پاڻيءَ جو بلبلو آنهه - توکي غرور ڇا جو؟.........

٣. هي محل ۽ هي ماڙيون
توسان نہ - سنگہ هلنديون،
وَٺ نام جو - سَهارو
جو ساٿ تنهنجو- ڏيندو
پاڻيءَ جو بلبلو آنهه - توکي غرور ڇا جو؟.........

٤. ٻُڌ ’ڪان‘ جي - ڪَهاڻي
راجا هُجي - يا راڻي،
وَٺي سَتگر کان - مَنتر
بيڙو پار - تنهنجو ٿيندو،
پاڻيءَ جو بلبلو آنهه - توکي غرور ڇا جو؟.........

❖❖❖❖

’جو آيو - سو هلندو‘

آيو جو - سنسار ۾
هڪ ڏينهن - ضرور هلندو،
راجا هجي - يا رنڪ
هتڙي ڪوئي - نہ رهندو.
رَهندو هِتي - اگر ڪُجهہ
نالو مِٺو - نام جو،
جنهن نہ جپيو - اُن کي
جيئڻ اَجايو - اُن جو.
ڪَندو رهجي - ڪرم سٺا
پر نہ - مالڪ کي ڀُلجي،
اَچڻ ٿيو - سنسار ۾
مهربانيءَ سان - جنهن جي.
ياد رکج - ’ڪان‘ تون
هيءُ وقت جي - نڪري وِيو،
کهڙي خبر - پوءِ توکي؟
کهڙو جنم؟ - مِلي پيو.

❖❖❖❖

’جِن ڪَئي وَڃان وَڃان - سي رهي رهندا ڪيترو؟‘

قانون اِهو - قدرت جو
وَقت سِر - هر ڪم ٿيندو،
تنهنجي مُنهنجي - چَوڻ سان
ڪڏهن نہ - پورو ٿيندو.
جي ٿئي ڪم - مرضيءَ سان
ڪير پڇندو؟ ڀڳوان کي،
ڳالهہ هيءَ - بُلڪل سَچي
آهي خبر - ساري جهان کي
وَقت جڏهن - اَچي وَڃي
ڪم ضرور - پورو ٿيندو،
ڪَرين فِڪر - ڇا لاءِ تون؟
تون مَڃ چوڻ - اِهو مُنهنجو.
اَڄ نہ تہ سڀاڻ - ٿيندو
’ڪان‘ ڪرين - فِڪر ڇو ايترو؟
جِن ڪئي - وَڃان وَڃان
سي رهي رهندا - ڪيترو؟

❖❖❖❖

’مالڪ ! - ڏجانءِ مَتِ‘

مالڪ ڏجانءِ - مَتِ ذري
تون ڪا - مونکي اَهڙي،
رَهان خوش - سدا مان
حالت هجي - چاهي جَهڙي.
چو تہ - تون ئي آهين
سيني جو - رَکپال،
تون ڄاڻين ٿو - سڀ ڪجھ
۽ پڻ مُنهنجي - دِل جو حال.
اَڏير مُنهنجي - من کي
اَچي - ڌيرج ڀِڏاءِ،
مُنهنجي - هر حال ۾
مالڪ ٿِجانءِ - سهاءِ.
اَڏمن کي بہ - تو سدا
آهي - پار لَنگهايو،
هاڻي اَچي ڪَچ - ’ڪان‘ جو
پريوا تون - لايو سَجايو.

❖❖❖❖

’ڏُک سُک - ڪرمن جو ڦل ‘

سُک ڏُک - هِن سنسار ۾
آهي پنهنجي - ڪرمن جو ڦل،
ايندو ويندو - ٽيم سان
آزمائي ڏس - تون چاهي پَل.
پريوا ڇا نٿو - ڪري سگهي؟
ڇو تہ هوُ آهي - شڪتيمان،
مالڪ تنهنجي - پگهتن جو
هردم رکي ٿو - مان.
بس! ڪندو رهہ - تون پرارٿنا
رکي هر وقت - هُنجو ڌيان،
ڪَٽي تنهنجا - ڏکڙا
هو رکندو - من کي شانت.
ڏي ستگر - سِين کي شڪتي
ءُ من کي ملي - آٿت،
’ڪان‘ ڪڏهن نہ - پُلجانءُ
پيو ڳائج گڻ - هُنجا نِت.

❖❖❖❖❖

’جيڪي ڪريٿو مالڪ - اُنم ڀلائي آهي‘

جيڪي ڪريٿو - مالڪ
اُن ۾ - ڀلائي آهي،
پر اُنجي - ڪَرٽي کي
ڪو وِرلو - ٿو ساراهي.

هر هڪ - هن سنسار ۾
ٿو تُرت - ڦل چاهي،
ڪم ڀلي - ڪَنِ ڪُڏا
پر ڦل - سُٺو ٿو چاهي.

ڏيڻ مالڪ جي - نام تي
چون - ڇُٽو ناهي،
جڏهين اَچين مُصيبت - مٿن تي
ٿو پِريوءَ در - ڳِڙڳِڙائي

پنهنجن ڪُڏن - ڪَرمن لاءِ
ٿو بار بار - بخشائي،
هاٿي چوي جو - ’ڪان‘ ٿو
ٻُڌ پيارا! - چِت لائي.

نيڪي ڪر - کوه ۾ وجھ
تنهنجو ٻيڙو - پار آهي،
جيڪي ڪريٿو - مالڪ
اُن ۾ ڀلائي - آهي.

❖❖❖❖❖

’رکڙيءَ جو - سنديش‘

ڏينهن - اَڄوڪو
آهي سَڀاڳو،
پيئڙ ياءُ کي
ٻڌندي ڏاڍو.
ٻڌي رَکڙي - اُنکي
پوءِ مَنائي - ڪارائيندي.
ءِ منگل - ڪامنا جي،
سدا - دعا منائيندي.
جُڳ جُڳ - جيئي
مُنهنجو - منڙو ياءُ،
نہ لڳي - ڪيس
ڪو بہ - تتل واءُ.
ڪري پرارٿنا - پريوءَ در
هوءَ هر هر - خوش ٿيندي،
چاهي - نظرن کان ’ڪان‘
پَري چو نہ - هوءَ هوندي.

****

’پريم جو ناتو- اوچو ناتو ‘

پريم جو ناتو - دُنيا ۾
سڀ کان اوچو - ناتو،
پر اِنهيءَ - ڳالهہ کي
ڪنهن وِرلي - آهہ ڄاتو.
جنهن سمجهيو - اِن سچ کي
اُن آهہ - پريو کي سڃاتو،
سَچ پڇين - تہ يار
نہ اِن ۾ آهہ - ڪو گهاٽو.
تڏهن تہ - هُنجي نام ۾
’ڪان‘ بہ آهہ - ڦاٽو،
جو تہ جنهن - پيار کي ڄاتو
سمجهو اُن - پريوءَ کي پاتو.

❖❖❖❖❖

’ڪَويتا - مُنهنجي ڏُک سک جي ساٿي‘

ڪَويتا کي - مڃانٿو مُنهنجي
ڏُک سُک جي - ساٿي آهي،
ڪير مَڃيندو - اُنکي
پر اِها - حقيقت آهي.
جيڪي وَهي واپري - گهر ۾
يا هِتي هُتي - پيو ٿيندو،
اُن مان ٺهي - ڪويتا مُنهنجي
جيڪو دل کي - ڇُهندو.
ڪَويءَ جو - اَنداز اِهو
ڇا هرهڪ - سگهندو ڄاڻي؟
ڇئي نہ سگهي - جو زبان سان
اُن تي ٺاهي ڇڏي - ڪهاڻي.
بس! قلم کي سَمجهو - ’ڪان‘ جو
آهي مِدمست - هاٿي،
اَڪيلائيءَ جي وِندر - ڪَويتا
مُنهنجي ڏُک سُک جي - ساٿي.

❖❖❖❖

’پاڻ - سڃاڻ‘

بندا غرور - ڇا جو؟
تون پنهنجو - پاڻ سڃاڻ،
زندگيءَ جي - سچائيءَ کان
تون آهين - اڻڄاڻ.
سنسار ۾ - ڇو آئين؟
خبر - توکي آهي؟
پوءِ ڇو؟ - اِن ڳالهه کي،
تون وينو آهين - ڀُلائي.
لکين جوڙين - پوڄڻ بعد
هيءُ مانڪ - جَنم مِليو آهي،
هِن سُنهري - موقعي کي،
تون هٿن مان - نہ وڃاءِ.
وَٺي اوٽ - ستِ پرش جي
پنهنجي - آتما کي جڳاءِ،
اِن طرح - جيون ۾ تنهنجي
نہ رهندي ڪا - هاءِ هاءِ.
جيڪي مِلي - راه راضي
اُن کي پريوءِ جو - پاڻو ڄاڻ،
ڪَندو رهہ- ڪرم ’ڪان‘
تون پنهنجو پاڻ - سڃاڻ.

❖❖❖❖❖

’سائين ڏي - مَتِ ذري‘

آهي آرزو - مالڪ در
مونکي ڏي - مَتِ ذري،
هاڻي تہ - هِتڙي آهيان
پر اَچان نہ - مُور وَري.
تنهنجي آسري - تي ئي
جيئڻ مُنهنجو - سَهنجو آهي،
تون ڪان سواء - پِريو هِتي
ڪو مُنهنجو - وَجود ناهي.
جي سهارو - تنهنجو مالڪ
نہ مونکي - مِلي وَڃي ها،
نہ ڄاڻي - هيءُ ’ڪان‘
ڪِٿي - پهچي وَڃي ها؟
هاڻ ٻُڌ - مُنهنجي وينتي
تون سڀ جو - سهارو آهين،
هر حال ۾ - خوش رهان مان،
اَهڙي مَتِ ڏجانءِ - سچا سائين.

❖❖❖❖

’پِرارٿنا‘

آهہ پرارٿنا - پِريوءِ در
چاهي اَسان کي - ڏُک ڏي،
پر ساٿ ڏي - سَهن شڪتي
پنهنجي - پانڌ جَهلي.
گذري وَڃي - هي زندگيءَ
جيئن پهرين - گذري آهہ،
ڪانهي آسرو - ’ڪان‘ ڪَي
پرڀوا توکان - سواءِ.
تون ماتا - پتا بہ تون هي
تون آهين - ڀائي بَندو،
جي ڳٽيندي - اَوگڻ کي
تہ پائيندي - سدائي مَندو.
ڏيِ سُمت - سائين سڀ کي
تون سڀ جو - پالنهار
رکج پئج - پنهنجي داس جي،
چو تہ هيءُ بہ آهي - تنهنجو يار.

❖❖❖❖

’تون پنھنجي - ڪرڻي ڪر‘

تون پنھنجي - ڪرڻي ڪر
باقي ڇڏ - ھُنجي حوالي،
اِھو بِرد تہ آھي - ھُنجو
جيئاري يا مار ڌالي.
جي ويھي - ويچارين
تہ ڪئر - ڪنھن ۾ ناھي،
ڪنھن ۾ ھڪ - ڪنھن ۾ ٻہ
پر عيب - سڀ ۾ آھي.
بي عيب - بادشاھہ
صِرف - مالڪ آھي،
بندو تہ آھہ - بئيمان
عيبن پريو - پيو آھي،
ھاڻي چوي جو - ’ڪان‘ تو
تون ڏِس - سوچ ويچاري،
تو ۾ ۽ مون ۾ - فرق ناھي
پيارا! ڏسج تون - مَن ماري.

❖❖❖❖

’چار ڏِنَ ڪي - زندگي‘

چئن ڏينهن جي - زندگيءَ لاءِ
منوا! ايڏو - موهه ڇو؟
هيءُ تنهنجو - هي مُنهنجو
توکي - ايڏو روش ڇو؟
سوچيو آتيئي - دُنيا ۾
تون جيئندي - ڏينهن ڪيترا؟
پوءِ ايتري - ٿوڙي وقت لاءِ؟
ڇو ٿو ڪرين؟ جهيڙا جهگڙا.
چوندا آهن - زال مُڙس
آهن هڪ گاڏيءَ جا - گهوڙا،
جي نہ هلندا - سات سات
تہ سهندا - جيون ۾ ڏکڙا.
نمرتا آهي - ڦل اُهو
جنهن چکيو - آهہ پاتو ڦل،
پريم ڪاڻ ۽ ڪاراءِ سڀ کي،
آزمائڻ چاهين - آزماءِ پَل.
غلطي هن - سنسار ۾
ڪنهن کان ٿيندي ناهي؟
پر ’ڪان‘ - جو معاف ڪري
اُن جو درجو - اوچو آهي.

❖❖❖❖

'اِنسان جي وَس - ڪُجهہ ناهي'

ڪري ڪرائي - تو پريو!
منش جي وَس - ڪُجهہ ناهي
چاهي ڏکہ ڏي يا ڏي سکہ
جو ڪُجهہ هو - تو چاهي.
جڳہ جا ناتا - وَقتي ناتا
هِڪ هُنجو - سَچو ناتو،
جنهن لاٿي - پريت مالڪ سان
اُن ڳالهہ کي - اُن آهي جاتو.
هاڻي چوي جو - 'ڪان' تو
اُن کي ڏِس - آزمائي،
ڪري ڪرائي - تو مالڪ
مانش جي وَس - ڪجهہ ناهي.
رہ راضي - هر حال ۾
سَمجهي مرضي - ڀڳوان جي،
اِن طرح - خوش رهي سگهبو
جي مڃين ڳالهہ - پنهنجي 'ڪان' جي.

❖❖❖❖

'پيار سان گُذري - سا ئي زندگي آهي'

پيار سان - جا گُذري
سائي - زِندگي آهي،
مَن ۾ - وير رکڻ
صِرف - ناداني آهي.
سُڻو ٿيندو - چئي ڏجي
جا تنهنجي - مَن ۾ آهي،
مَن ٿي ويندو - هلڪو
اِن ۾ ئي - آنند آهي.
اِنڪري چوي - جو 'ڪان' ٿو
پيارا! سوچ - چِت لائي،
پيار سان - جا گذري
سا ئي - زندگي آهي؛
اِها ڳالهہ آهي سَچي،
اِن ۾ شڪ - ناهي.

❖❖❖❖

’دُنيا جا ناتا - ڪوڙا ناتا‘

هِن دُنيا جا ناتا - ڪوڙا ناتا
هڪ پريم جو ناتو آهي - سچو ناتو،
وَڏ ڀاڳي اُهي - سدا چوائن
جِن اِن سچ کي - آه سُڃاتو.
ڪندو رهج - ڪم دُنيا جا
نہ وِسارج - يار جي ياري،
بَدِقسمتِ اُهي - چوائن ٿا
جِن نہ ڪئي - ڪان‘ تياري
بَندي جي وس - ڪُجھ ڀي ناهي،
جيئَن هو چاهي - ٿو يار هلائي،
بس! اِنيِر ئي - ڀلائي آهي
رکج اِن کي - تون چِت ۾ هنڌائي.

❖❖❖❖

’جيڪي ڪري - سو واھ واھ‘

(ڏوھيڙا)

١. توڙي ھلين - تڪڙو
ء وڌائيندو رھجي - وِڪ،
پر لِکيو جو - نصيب ۾
متندو ڪيئن - ’ڪان‘ چوي

٢. پلي حيلا - ھلائجن
ڪَندو رَھجي - ڪرم،
پر دکہ سکہ ڪي - سھڻ ’ڪان‘
آھي وڏو ئي - ڌرم.

٣. اِھو سورھن آنہ - سچ آھي
رکو ھئين سان - ھنڌاء،
ڪان‘ ڪري جو - ڪرتار ٿيندو
اُن ۾ لاپ - آسانجو آہ.

٤. بس! پروسا - سيِ ڦتا ڪري
جو مالڪ ڪي - آپنايون
اِھو اَٽل وِشواس - ’ڪان‘ جو
ھوُ بخشيندو - سيِ منڊايون.

❖❖❖❖

’ڏک ظاهر ڪرڻ سان - ڏک نٿو گهٽجي‘

ڏک کي ظاهر - ڪرڻ سان
ڏک - نٿو گهٽجي،
پر ٻُڌڻ واري کي - بيشڪ
اُهو ضرور - ڏکي ڪري
اِنڪري چوي جو - ’ڪان‘ ٿو
اُنتي ڏرجانء - ڏِيان،
جي رکندي - وِشواس تون
تنهنجي پلي ڪندو - ڀڳوان.
سُک ڏک کي - جي ڄاڻندي
پرساد - پريوء جو مان،
اَڄ بيشڪ - ڏکي آهين
ڪندو سڀاڻي تنهنجو - ڪلياڻ.

❖❖❖❖❖

’ڪَرمن جو - ليکو‘

ڪَرمن جو ليکو - ڀوڳڻ ضرور آهي،
ڀجي ڇُڏڻ اُن کان - ڏاڍو مشڪل آهي.
بهتر ٿيندو - ڪَجي پرارٿنا
مالڪ ڏي - تون شڪتي،
هر حال ۾ - آسين خوش رهون
نہ ڀُلجون - تنهنجي ڀڳتي.
هي! جاڻي - جاڻٽهار مالڪ
هن لڪ کان - تون ئي لنگهائج
’ڪان‘ جي - چِت کي پريو!
تون پنهنجي - چرنن ۾ لڳائج.

❖❖❖❖

'اَندر جو - آواز'

(هيءُ ڪوتا ”تُم سنڌي ڪنئُون هئہ“ ۾ سنڌي سميلن جي وقت ڇپايل ڪتاب ۾ ٽن ٻولين ۾ ١٩٩٩ ۾ تصوير سان ڇَپي هُئي)

هِن ڪَوتا کي پڙهندڙ - پائر پينر
ڪجو ڪبول - مُنهنجي رام رام،
لکي اَٿم - جيڪا سِڪ سان
نمان ڪوي آهيان - گمنام.
لکڻ جو شونق - مُنهنجو
اُن وقت - هُئو جاڳيو،
جڏهن مِلي - اَسان کي آزادي
پر سنڌ کي - اَسان هُئو تياڳيو.
توهان مان ڪِن کي - ياد هوندو
اُهو دردناڪ - نظارو
بِنان پَرمَٽِ - لَڏڻ مُشڪل
هو ڳاڏين تي - مارامارو.
مُشڪل سان - عِزت بچائي
اَچي پهتاسين - هِند ۾،
پاءُ پاءُ ڪان - وِڇڙي ويو
ناجاٽي - ڪَنهن ڪُنڊ ۾.
چاهي مُشڪل؟ نہ ٿي سگهي
جتي ڪري مَحنت - آدمي،
خوشي اَٿم - هاڻ کُلي ويو
يو پيءُ ۾ بہ - اَسانجو اَڪادمي.
آهي پرارٿنا - هاڻي 'ڪان' جي
ڏي جُوانن کي - سُني مَتِ،
لڳندا رهن - سدا ميلا
اَسان سنڌين جا - جِت ڪِٿ.

❖❖❖❖

’هيءُ به - گذري ويندو‘

اِهو بلڪل - سَچ آهي،
جو اَڄ آهي - سياٽي نہ هوندو،
پر جڏهن - سياٽي ايندي،
نئون سورج - نظر ايندو.
اِنڪري چيو - سياڻن آهي
اَڄ اَسانجو - آه ضرور،
ڇا ٿيندو - سياٽي
ڪالهہ جي - ڪنهن کي خبر؟
پر اَڄ کي - ڇو وڃايون؟
وَقت - وَري مِلي نہ مِلي،
اِئين نہ ٿئي - سُياڻ سُياڻ ۾
جِسم وَڃي - مِٽيءَ ۾ ملي.
ڇو نہ اَسين - خوش رهون
هر حال ۾ - جِتي مالڪ رکندو،
سَکہ ڏي يا - ’ڪان‘ ڏُکہ
سوچيون - هيءُ به گذري ويندو.

❖❖❖❖

’ڪَرم جو ليکو‘

ڪري آيا آهيون - جو ڪرم
حساب تہ - ڏيڻو پوندو،
بِنان حساب - سنسار ۾
ڪوئي ڇُٽي - نہ سگھندو.
سڄو ڏينهن - ڪِلي ڪري
پوڳيون - پنهنجي ڪرم کي،
سُرخرو ٿي - مُنهن مَٿي ڪري
پار ڪريون - اُن ڏکہ کي.
اِن طرح - مالڪ اَسان تي
رحم جي نظر - ضرور رکندو،
’ڪان‘ ڪلندي - خوشيءَ سان
وَڃي منزل - تي پهچندو.

❖❖❖❖

’اَڄ ڏُکہ آهي - سڀاڻ سُکہ بہ ڏيندو‘

خوش رهو - هر حال ۾
جنهن ۾ - مالڪ رکي،
اَڄ جي آهي - ڏُکہ ڪٽي
سڀاڻي سُکہ بہ - ضرور ڏيندو.
سَچ پُڇين تہ - ڏُکہ ئي آهي،
آزمائش - اَسانجي بندن جي
نہ تہ ڪير پُڇندو؟ مالڪ کي
سَمجهي سکہ کي قُل - پَنهنجي ڪَرٽيءَ جي.
آهي پرارٿنا - هاٿي ’ڪان‘ جي
مالڪ ڏي مِتَ - سُني سَمجهڻ جي،
ڇو تہ ڏُکہ سُکہ - ٻئي آهن،
صِرف قُل - پَنهنجي ڪرٽيءَ جي.

❖❖❖❖

’سَدا - تنهنجي ياد رهي‘

مالڪا - مَهر ڪري
ڏجانءِ اَسان کي - شڪتي
جئن اُتندي وِهندي - سُمهندي جاڳندي
نه ڀلجون - تنهنجي ڀڳتي.
رَکين تون - جنهن حال ۾
اَسين سدا - خوش رهون،
سَهندا رهون - صَبر ۾،
هردم توکي - ياد ڪيون،
ڏجاءِ طاقت مونکي - سَهڻ جي
اِها ’ڪان‘ جي - آس،
رکجانءِ چِت - چَرنن ۾
مونکي جاڻي - پنهنجو داس.

❖❖❖❖

’ھنجي ڪرٽيءَ ۾ - پلائي آھي‘

جيڪو ڪري ٿو - مالڪ
اُن ۾ - ڀلائي آھي،
پر ھيءُ - مورک مِنَ
بيڪار ٿو ڪري - ھاءِ ھاءِ.
سَچ تہ - ھِيءُ آھي سڀ
پنھنجي ڪَيل - ڪَرمن جو ڦل،
پر اَسين ٿا - سَمجھون اُن ڪيٰ،
مالڪ جو ڪَيل - وَئل.
ڪاش! ٿوڙو - سَمجھون اَسان
ءَ چِت ۾ - سَڀ ھنڊايون،
تہ شايد - سمجھي سگھون
پنھنجون ڪيل - منڊايون.
آھي پرارٿنا - ھاڻ ’ڪان‘ جي
ڏي مالڪ - ڪا سُني مَتِ،
سَھندا رھون - صَبر ۾،
جيڪيَ ڪريٿو - ھو نِتِ.

❖❖❖❖

’تون - سنڌي ڇو آهين؟‘

(هيءَ ڪوِتا مون سنڌي اڪادميءَ جي سيڪريٽريءَ سَرل گيا پرنِي
کي سندس ڇپايل ڪتاب جي جواب ۾ ۱۹۹۹ ۾ لکي هئي)

تون سنڌي - ڇو آهين؟
هئو سَرل - پُڇيو سوال
هاڻي توهان - ڀائر ٻُڌو
جو ’ڪان‘ تو - ڏئي جواب.
اِنڪري آسان - سنڌي آهيون،
ڇو تہ سنڌ ۾ - اَسين ڄاواسين،
پي پاڻي - سنڌوءَ جو
سنڌ جو اَن - کاڌوسين.
بيشڪ هِند ۾ - اَچي ڪري،
ڪجهہ پوءِ بہ - ڄاوا هوندا،
پر سنڌيءَ جي - ٻچ کي
هو ڪيئن؟ ناڪاريندا.
ڪيئن وِساريون - ماتر ڀوميءَ کي؟
۽ پنهنجي مِٺڙي ٻولي،
جيجل ڏني جيڪا - پينگهي ۾،
سنڌيءَ ۾ - مِٺڙي لولي.
اِهو ئي ڪارڻ آهي - بس!
جيڪو ’ڪان‘ ڇڏيو - ٻُڌائي،
هاڻي جواب ڏي - تون ڀاءُ سَرل
ڇا توکي - شڪ آهي؟

❖❖❖❖

’ڪَوِتا - مُنھنجي آتما جو آواز‘

مُنھنجي ڪوِتا - ڇا آھي؟
بس! اِئين ئي - توھان سمجھو،
اِھو ڪُجھہ - ٻيو نہ آھي
پر منھنجي آتما جو - آواز سمجھو.
جڏھن ڪڏھن - گھر ۾ يا ٻاھر
ڪُجھہ گھٽنا - گھٽجي وَجي،
ءُ مُنھنجي آتما کي - ڇُھي وَجي
اُن تي پاڻيھي پاڻ - ڪوِتا ٺھي وَجي.
موقعو - ھُجي شاديءَ يا جنم ڏينھن جو
يا ڪڏھن ڪنھن - پَنھنجي جي لَڏڻ جو،
تڏھنِ - اُمنگہ ۾ ٻرجي
قلم مَجبور ڪري - ’ڪان‘ کي لکڻ جو.
يا ڪڏھن مَن - ڪنھن کي ڪُجھہ چوڻ چاھي
پر سِڌي مُنھن - اُن کي نہ چئي پائي،
اِن حالت ۾ - مُنھنجي ڪوِتا
ٺھي وڃي تي ڳاھي بڳاھي.
ٿوڙي ۾ - اِئين ڪري سَمجھو
ڪوِتا ھي ’ڪان‘ جو - اُھو ساز آھي،
جنھن تارن تي - ڇيڙيل
ھيءُ مُنھنجي آتما جو -آواز آھي.

❖❖❖❖

’جيڪي ڪرائي - ٿو مالڪ‘

جيڪي ڪرائي - ٿو مالڪ!
سوئي اَسين - ڪريون ٿا،
پر هُنجي - ڪَرتي ۾
پنهنجو ڀلو - نہ سمجهون ٿا.
ڪري ڏس - ڪوشش ڪيتري؟
پر ٿيندو سو - جو هو چاهي،
جو تہ هن - بندي جي
ڪُجهہ ٻي - وَس ۾ ناهي.
آهہ آراڌنا - مالڪ در
هر حال ۾ - خوش رکي،
نہ صِرف - هن ’ڪان‘ ڪي،
پر توهان - سَيني ڀائرن ڪي.

❖❖❖❖

ڇپائيندڙ : آنند آهوجا

پتو : ا، ’امبر ڪرافٽ‘ ۳۱۵، ڊاڪٽر امبيڊڪر روڊ،
کار، ممبئي - ۴۰۰۰۵۲. فون : 022-26481464

ڇپيندڙ : راجو جادواڻي

’راجو پرنٽرس‘ اسٽيشن روڊ، اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۳.
موبائيل : 9320170599

’ڦلواڙيءَ جا گل ڦل‘

اَڏ صديءَ کان اڳ - مالڪ هُئو،
مُنهنجي من ۾ - ڪوِتا جو ٻج پوکيو،
آهستي آهستي - مون اُن ٻج کي،
پريو ڪرپا سان - تن من سان آه سينچيو،

هاڻي تہ وڏو - باغ ٿي ويو
جڻ الڳہ الڳہ - گُلن جو باغيچو،
۽ پڻ اُن ۾ - لڳي ويو آهي،
طرح طرح جي - گلن جو غُنچو.

سوچيم پنهنجي - اُنهن گُلن جي
سنڌي پاٺڪن کي بہ - خوشبوءِ وٺائجي،
ڇو تہ چونڊي - ڪُجھ عمدا گل،
هڪ ڦلواڙيءَ کي - ٺاهجي.

آهي آشا هاڻي - توهانجي ’ڪان‘ جي
هيءَ ڦلواڙي - پسند پوندي،
۽ اِن طرح - مُنهنجي قلم کي،
اَڃان بہ وڌيڪ - هِمت مِلندي.

هريڪرشن ’ڪان‘